مالي سزا جي تعزيري حيثيت جي باري ۾
مسلمان عالمن جي اختلافي بحثن جو تنقيدي جائزو

A CRITICAL ANALYSIS OF CONTROVERSY OF MUSLIM JURISTS ON FINANCIAL PENALTY

ڊاڪٽر بشير احمد رند*
ام ڪلثوم رند**

DOI: 10.29370/siarj/issue2ar7
Link: https://doi.org/10.29370/siarj/issue2ar7

ABSTRACT:

There are certain people who by nature are righteous and virtuous remain away from crimes. While, there are some other waspish people who do not abjure from crimes until they are punished. Otherwise they will be not only encouraged but will also pursue others to commit crimes. For such crimes Quran and Sunnah had told punishment: called Hudood. Whereas for certain other crimes punishment is not mentioned, its authority is handed over to the religious scholars, jurists and judges to determine suitable penalty so that criminals not only remain away from crimes but it also became a warning to others. Among such punishments one is Financial Penalty, which has been exercised in every country throughout the centuries. Whereas seeing ruler's avaricious, covetous and unjustness some scholars have forbidden Financial Penalty as illegal.In this view, the present paper critically analyses the controversy of Muslim Scholars on legal position of Financial Penalty.

KEYWORDS: Financial, Penalty, Punishment, Jurists, Quran, Sunnah

ڪليدي لفظ: مالي ، چٽي، سزا، فقهاء ، قرآن ، سنت

معاشري ۾ امن ۽ امان برقرار رکڻ ۽ ڏوهن تي قابو پائڻ لاءِ منطقي طور تي (Logically) ٻہ ٺي طريقا آهن: هڪ هي تہ انسان جي اهڙي تہ ديني ۽ اخلاقي تربيت ڪئي وڃي جو هو ڏوهہ کي ڏوهہ سمجهي ازخود ان کان رڪجي وڃي،ٻيو هيءَ تہ قانون جي پڪڙ يعني سزاجي ذريعي کيس ڏوهن کان روڪيو وڃي.اسلام ڏوهن تي قابو پائڻ جي سلسلي ۾ اهي ٻئي طريقا اختيار ڪيا آهن.

* ايسوسيئيٽ پروفيسر شعبہ اسلامڪ ڪلچر،سنڌ يونيورسٽي ڄامشور برقي پتو: bashir_rind2006@yahoo.com
** ليڪچرر ايس ، ايم ،بي،بي ڪيمپس دادو برقي پتو: umekulsoom15@gmail.com

ديني تربيت ۾ حرص، هوس،خود غرضي ۽ دنيا پرستي جي بجاءِ صبر،شڪر، ڪفايت شعاري ،انسانيت جي احترام ۽ حسنِ اخلاق جهڙين خوبين جو درس ڏئي ٿو ۽ انسان کي اهو احساس ڏياري ٿو تہ هو جيڪو بہ عمل ڪري رهيو آهي تنهن کي سندس خالق ڏسي رهيو آهي ۽ ان جا نگران فرشتا ان جي هر عمل کي هڪ دفتر ۾ محفوظ ڪري رهيا آهن ۽ کيس اهو احساس ڏياري ٿو تہ هو دنيا جي نظرن کان تہ بچي سگهي ٿو پر الله تعاليٰ ۽ ان جي مقرر ڪيل فرشتن جي نگاهن کان بچي نہ ٿو سگهي ۽ قيامت جي ڏينهن کيس هرهڪ عمل جو حساب ڏيڻو پوندو. ۽ اها ديني تربيت انسان جي ڪردار سازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

پر معاشري ۾ ڪي اهڙا ماڻهو بہ هوندا آهن جن جي دلين ۾ ديني تربيت جو اثر نہ ٿيندو آهي،کين خدا جو خوف يا معاشري جو ڪو بہ حيا ۽ شرم نہ هوندو آهي،ان ڪري اهڙي قسم جي ماڻهن کي اسلام قانون جي پڪڙ يا سزاجي طاقت جي ذريعي ڏوهن کان روڪي ٿو،چو تہ اهڙن ماڻهن کي جيڪڏهن سزاجي ذريعي ڏوهن کان نہ روڪيو ويو تہ نہ رڳو اهي معاشري جي انتشار ۽ بي چيني جو سبب بڻبا پر انهن کي ڏسندي ڏسندي بيا بہ ڪيترا ئي اهڙا عناصر پيدا ٿي پوندا جيڪي سماج جو سڪون ۽آرام تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندا،ان ڪري اسلام معاشري جي اجتماعي مفادکي سامهون رکندي اهڙن شر پسند عنصرن کي ڏوهن کان روڪڻ لاء سزا جوطريقو بہ اختيار ڪيو آهي.

سزا هڪ طرف ڏوهي کي ڏوه کان روڪڻ جو ڪارڻ هوندي آهي تہ ٻئي طرف ڏوه نہ ڪندڙ فردن لاء عبرت جو سبب پڻ هوندي آهي.سزا ڏوه کي وري وري ٿيڻ ياوڌيڪ ٿيڻ کان روڪيندي آهي ڇاڪاڻ تہ سزاهڪ اهڙو فعل آهي جنهن کي اکيون ڏسنديون آهن ۽ حواس محسوس ڪندا آهن،ان ڪري ان جي اثراندازي زيادهہ هوندي آهي.اهو ئي سبب آهي جو ڏوهارين کي ڏوهن کان روڪڻ يا ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاء هر مذهب ۽ هر ملڪ جي ناهيل قانون ۾ هميشہ کان سزائن جو طريقو رائج رهيو آهي.

قرآن ۽ سنت ۾ ڪجهہ سزائون مقرر ٿيل آهن،جن کي حدود چيو ويندو آهي پر ڪجهہ سزائون طئي ٿيل نہ آهن،ان ڪري وقت جي عالمن،مجتهدن ۽ ججن کي اهو اختيار ڏنو ويو آهي تہ اهي ڏوهن جي نوعيت ۽ ڏوهارين جي ڪيفيت کي ڏسي انهن لاءِ مناسب سزائون تجويز ڪن ۽ اهڙين سزائن کي تعزير چيو ويندو آهي. تعزيري سزائن ۾ هڪ مالي سزا بہ آهي،جيڪا هر دور ۽ هر ملڪ ۾ رائج رهي آهي،مگر ڪجهہ حڪمرانن جي حرص ،هوس ۽ بي اعتدالين کي ڏسي ڪري ڪجهہ عالمن ان کي ماڳهين ناجائز ٺهرايو. اسين پنهنجي هن تحقيق ۾ مالي سزا جي تعزيري حيثيت جي باري ۾مسلمان عالمن جي اختلافي بحثن جو

تحقيقي جائزو پيش ڪنداسين.

مالي سزاجي تعزيري حيثيت:

مالي سزا جي باري ۾ علماء ڪرام جا ٻه رايا آهن.

هڪ راء اها آهي تہ مالي سزا جائز نہ آهي. ٻي راء اها آهي تہ مالي سزا جائز آهي.

هيٺ هر هڪ ڌر ٻنهي جا دليل ذڪر ڪري آخر ۾ قابلِ ترجيح راء ذڪر ڪئي ويندي.

مالي سزا جي ناجائز هجڻ جا قائل فقيہ سڳورا ۽ سندن دليل:

حنفي علماء مان امام ابوحنيفہ ۽ امام محمد رحمة الله عليهما مالي سزا کي جائز نہ ٿا سمجهن,اهڙي طرح امام شافعي رحمة الله عليہ جو مذهب بہ اهوئي آهي,امام احمد بن حنبل ڪجهہ مسئلن ۾ مالي تعزير کي ناجائزسمجهن ٿا ۽ امام مالڪ جو بہ هڪ قول اهو آهي.[1]

هوءِ پنهنجي راء جي حمايت ۾ هيٺيان دليل پيش ڪن ٿا

الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

1. يا ايها الذين امنوا لا تاكلوا اموالكم بينكم بالباطل.[2]

"اي ايمان وارئو!پاڻ ۾ هڪٻئي جا مال ناجائز طريقي سان نہ کائو."

2. ولا تأكلوا اموالكم بينكم بالباطل وتدلوا بها الي الحكام[3]

" ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي جا مال ناجائز طريقي سان نہ کائو ۽ نہ ان کي حاڪمن تائين(رشوت طور) پهچايو."

باطل طريقي سان مال کائڻ جو مطلب اهو آهي تہ بنا عيوض جي ڪنهن جو مال کاڌو وڃي, ۽ ظاهر ڳالهہ آهي تہ جيڪو مال ڏنڊ يا جرماني طور ورتو ويندو آهي اهو بہ ڪنهن شيءِ جي عوض ۾ ڏيڻ کانسواء ورتو ويندو آهي ان ڪري اهو مال کائڻ بہ جائز نہ آهي.

3. حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو:

لايحل مال امرا مسلم الا بطيب من نفسہ[4]

"ڪنهن مسلمان جو مال ان جي دل جي خوشي کانسواء (کائڻ) حلال نہ آهي."

جيڪو مال ڪنهن ماڻهو کان جرماني طور ورتو ويندو آهي اهو دل جي خوشي سان پنهنجو مال ڪونہ ڏيندو آهي ان ڪري اهڙو مال وٺڻ جائز نہ آهي.

4. علامہ ابن نجيم ۽ ابن عابدين جو خيال آهي تہ مالي تعزير اسلام جي شروع واري زماني ۾ هئي,آخر ۾ منسوخ ٿي وئي.[5]

مالي سزا جي جائز هجڻ جا قائل فقيہ ۽ سندن دليل:

امام مالڪ ۽ امام احمد رحمۃ الله عليهما چند مخصوص مسئلن ۾ مالي تعزير کي جائز قرار ڏين ٿا.امام شافعي جوهڪ قول بہ اهوئي آهي،حنفيہ مان امام ابو يوسف رحمۃ الله عليہ ضرورت وقت مالي تعريزکي جائز قرار ڏين ٿا.[6]

حنفيہ وٽ امام ابو يوسف رحمۃ الله عليہ جي قول جي تاويل:

جيئن تہ حنفي مسلڪ ۾ مالي تعزير جائزنہ آهي.[7] ان ڪري انهن امام ابو يوسف رحمۃ الله عليہ جي قول جي تاويل هن طرح ڪئي آهي تہ امام ابو يوسف رحمۃ الله عليہ وٽ مالي سزاجي جائز هجڻ جو مطلب اهو آهي تہ ڏوهاري جي مال مان ڪا شيءَ ڪجهہ عرصي لاءِ ضبط ڪئي وڃي جيئن هو پنهنجي ڏوه کان رڪجي وڃي ۽ جڏهن معلوم ٿئي تہ هوپنهنجي ڏوه کان رڪجي ويو آهي تہ پوءِ حاڪم ان کي مال واپس ڪري،ليڪن مالي تعزير جواهو مطلب هرگز نہ آهي تہ حاڪم ان جومال پنهنجي لاءِ وصول ڪري يا بيت المال ۾ جمع ڪرائي،جيئن ظالم ڪندا آهن،ان ڪري جوڪنهن مسلمان جومال بنا شرعي سبب جي وٺڻ درست نہ آهي، البت جيڪڏهن حاڪم ڏوهي جي توبہ کان بلڪل مايوس ٿي چڪو هجي تہ پوءِ جتي مناسب سمجهي اتي خرچ ڪري.[8]

حنفين جي تاويل تي علامہ عبد الله بن المحسن الطُريقي جي تنقيد:

علامہ عبدالله طُريقي حنفين جي ان تاويل کي عقل ۽ قياس کان دور سمجهن ٿا،سندن چوڻ آهي تہ: هيءَ تاويل عقل ۽ قياس کان دورآهي ڇاڪاڻ تہ اهڙي طرح ڏوهاري کي تنبيهہ نٿي ٿي سگهي،ان ڪري جو ڏوهي ڏيکارڻ لاءِ توبہ ڪري سگهي ٿو جيئن سندس مال کيس واپس ملي، ۽ پوءِ وري ساڳئي ڏوه ۾ ملوث رهندو،حالانڪ اهڙي موقعي تي مال وٺڻ يا تلف ڪرڻ ئي گهربل سزا هوندي آهي.[9]

علامہ طُريقي جي قول جي تائيد ابن همام رحمۃ الله عليہ جي هن قول مان بہ ملي ٿي:مالي سزا ان وقت جائز آهي جنهن وقت قاضي يا والي جي نظر ۾ ائين ڪرڻ مناسب هجي،سزا جي لائق ماڻهن مان هڪ اهو بہ آهي جيڪو جماعت سان نماز نہ ٿو پڙهي،سزا جي طور ان کان مال وٺڻ جائزآهي ۽ هن قول جو بنياد امام ابو يوسف جي مسلڪ تي آهي.[10]

جن فقيهن سڳورن جوخيال آهي تہ مصلحت تحت مالي سزاڏيڻ جائزآهي اهي هيٺين دليلن مان ثبوت وٺن ٿا:

1. امام بخاري ۽ امام مسلم حضرت سلمہ بن اڪوع رضي الله عنہ کان روايت ڪن ٿا:جنهن ڏينهن خيبرجي جنگ فتح ٿي تہ شام جوماڻهن تمام گهڻيون باهيون ٻاريون.پاڪ سڳورن ﷺ پڇيو: ايترين باهين تي ڇا ٿا پچائين؟ صحابين سڳورن رضي الله عنهم عرض ڪيو:گوشت ٿا

پچائن.پاڻ سڳورنﷺ پڇيو تہ: ڇا جوگوشت آهي؟چيائون:پاليل(گهريلو) گڏهن جوگوشت آهي.پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: گوشت هاريو ۽ ديڳڙيون ڀڃي ڇڏيو.هڪ ماڻهو عرض ڪيو:حضور!گوشت هاري ديڳڙيون ڌوئي نہ ڇڏيون؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو : چڱو،ائين ئي ڪيو.[11]

هن حديث پاڪ مان هن طرح دليل ورتووڃي ٿوتہ پاڻ سڳورن ﷺ جيڪوديڳڙين ڀڃڻ جوحڪم ڏنو اها هڪ قسم جي مالي سزا هئي جيتوڻيڪ صحابين سڳورن جي عرض ڪرڻ تي پاڻ سڳورن ﷺ کين ديڳڙيون ڌوئي وري استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني،پر پيغمبر پاڪ ﷺ ڪڏهن بہ ڪنهن ناجائز ڳالهہ جو حڪم نٿا ڏئي سگهن.

2.امام احمد رحمۃ الله عليہ پنهنجي مسند ۾ حضرت عبدالله بن عمررضي الله عنہ کان نقل ڪن ٿا:پاڻ سڳورنﷺ مونکي ڇري آڻڻ لاء چيو.مون ڇري حاضر ڪئي.پاڻ سڳورنﷺ ان کي تکي ڪرائڻ لاء موڪليو.ڇري تکي ڪئي وئي.پوءِ پاڻ سڳورن ﷺمونکي ڇري ڏيندي فرمايو:صبح جوسوير هيءَ ڇري کڻي اچجان.مون ائين ئي ڪيو.پوءِ پاڻ سڳوراﷺ پنهنجن صحابين سڳورن کي ساڻ ڪري بازارپهتا،اتي شام مان آندل شراب جامشڪ رکيل هئا،پاڻ سڳورنﷺ مون کان ڇري وٺي ڪري اتي جيڪي شراب جا مشڪ رکيل هئا تن سيني کي ڦاڙي ڇڏيو.پوءِ ڇري مونکي ڏنائون،۽ پنهنجي ساٿين کي چيائون تہ هو مون سان(ابن عمر سان)گڏ هلن ۽ منهنجي مدد ڪن ۽ مونکي حڪم ڏنائون: تہ مان سڀ بازاريون گهمان ۽ جتي بہ شراب جو ڪو مشڪ ڏسان تنهن کي ڦاڙي ڇڏيان. پوءِ مون حڪم جي تعميل ڪئي ۽ بازارين ۾ جيڪا شراب جي مشڪ نظر آئي تنهن کي ڦاڙي ڇڏيم.[12]

پاڻ سڳورن ﷺ شراب رکڻ وارن ماڻهن کي انهن جون مشڪون ڦاڙي سزا ڏني ۽ مشڪ ڦاڙڻ هڪ مالي سزا آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ضرورت جي وقت مالي سزا ڏئي سگهجي ٿي.

3. امام احمد، نسائي ۽ ابو دائود،حضرت بهز بن حڪيم رضي الله عنہ جي واسطي سان ان جي ڏاڏي کان نقل ڪيو آهي:مون حضوراڪرمﷺ کي هيئن فرمائيندي ٻڌو:جهنگ ۾چرندڙ هرچاليهہ اُٺن تي هڪ بنت لبون(ٻن سالن جي توڏي) زڪات ۾ واجب آهي،ان حساب مان ڪوبہ اُٺ گهٽايو نہ ويندو،جيڪو ثواب جي نيت سان ڏيندوان کي اجرملندو ۽ جيڪو نہ ڏيندو تہ اسين ان کان (زبردستي) بنت لبون بہ وصول ڪنداسين ۽ ٻئي مال جو اڌ بہ(ٻي روايت ۾ ٻئي مال جي اڌ بدران ٻين اٺن جواڌجا لفظ آهن) ۽ اهو اسان جي رب جو حق آهي،البت زڪوات جي مال مان آلِ محمد لاء ڪا شي حلال نہ آهي.[13]

زڪوات روڪيندڙ کان اڌمال جو کسڻ هڪ مالي سزا آهي،جنهن کي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم الله

تعاليٰ جو حق ۽ واجب قرار ڏنو جنهن مان معلوم ٿيو تہ ضرورت وقت ڏوهيءَ کي اها سزا ڏئي سگهجي ٿي.

4. امام ابو دائود ۽ امام نسائي رحمة الله عليهما ،عمرو بن شعيب رضي الله عنہ جي واسطي سان ان جي ڏاڏي کان نقل ڪن ٿا:پاڻ سڳورن ﷺ کان باغ ۾ لڙڪندڙ ميون جي باري ۾ پڇيو ويو (جيڪڏهن اتان ڪو چوري پٽي وڃي تہ ڇاحڪم آهي؟) پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو:جيتريقدر ڪنهن بکايل کائي ورتا ۽ دامن ۾ ڪا شيءَ نہ لڪايائين تہ ان تي ڪجهہ بہ نہ آهي پر جيڪو ماڻهو ڪجهہ کڻي نڪتو ان تي ٻيڻ ڏنڊ ۽ سزا آهي.ٻي روايت ۾آهي:ان تي ٻيڻي قيمت ۽ عبرتناڪ سزا عائد ٿيندي.[14]

5.حضرت عبدالله بن عمرورضي الله عنہ کان روايت آهي تہ مزينہ قبيلي جوهڪ ماڻهو حضور اڪرم ﷺ جن وٽ آيو.جنهن چيو:اي الله جا رسول ﷺ!جيڪا ٻڪري چرڻ واري هنڌ مان چورائي وئي ان جي باري ۾ڇا حڪم آهي؟پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو:(چور تي) ٻيڻي قيمت ۽ عبرتناڪ سزا آهي البت واڙي (تحفظ واري جاءِ) تائين پهچڻ کان اڳ ۾ چورايل ٻڪري تي هٿ نہ ڪٽيو.[15]

بيان ڪيل ٻنهي روايتن مان واضح آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ لڙڪندڙ ميون ۽ چرڻ واري هنڌ مان چورايل ٻڪري جي ٻيڻي قيمت چور تي مقرر ڪئي، جيڪا سنئون سڌو مالي ڏنڊ آهي، جنهن مان مالي سزا جو ثبوت ملي ٿو.

اهڙي طرح نبي ڪريم ﷺ کان نقل ٿيل هيٺين واقعن مان بہ مالي سزا جو ثبوت ملي ٿو.

6.پاڻ سڳورن ﷺ حضرت عبدالله بن عمررضي الله عنہ کي ٻن ڦِکن ڪپڙن جي ساڙڻ جو حڪم ڏنو(جيڪي کيس پهريل هئا) هن عرض ڪيو: حضور ﷺ!مان انهن کي ڌوئي (انهن جو رنگ لاهي) نہ ڇڏيان؟ پاڻ ﷺ فرمايو: نہ،انهن کي ساڙي ڇڏ.[16]

7. پاڻ سڳورن ﷺ مسجد ضرار کي ڍهرايو.[17]

8. پاڻ سڳورن ﷺ سوني منڊي پائيندڙ کي ان جي اڇلڻ جو حڪم ڏنو هن اڇلي ڇڏي ۽ پوءِ ڪنهن بہ نہ کنئي .[18]

9.پاڻ سڳورن ﷺ جنگ جي موقعي تي بنو نضير کي ڪاوڙ ڏيارڻ لاءِ انهن جي کجين کي ڪٽرايو ۽ ساڙايو.[19]

نبي ڪريم ﷺ جي بيان ڪيل انهن حديثن کان علاوه صحابين سڳورن جي فيصلن مان بہ مالي سزا جو ثبوت ملي ٿو جيئن هيٺين صحابين سڳورن جي فيصلن مان ظاهر آهي.

10.حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنہ سرڪاري عهدي دوران جيڪومال ناهيو هو(ان بابت حضرت عمررضي الله عنہ جو خيال هو تہ هُن آمدني کان ببڻ تي مال گڏ ڪيو آهي ان ڪري) حضرت ان جواڌ ان کان وصول ڪري بيت المال ۾جمع ڪرائي ڇڏيو.

11.حضرت عمررضي الله عنہ حضرت حاطب بن ابي بلتعۃ کان ان ڏاچي جي ببٽي قيمت ڀرائي جنهن کي سندس غلامن(ٻُڪ جي ڪري) مالڪ کان ڦري ذبح ڪيو ۽ پوءِ پچائي کاڌائون.[20]

12. حضرت عمر ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما انهن ماڻهن تي ديۃ مغلظہ (سخت ديۃ) جو حڪم ڏنو جيڪي مڪي پاڪ ۾ حرمت وارن مهينن ۾ قتلِ خطا جا مرتڪب ٿين.[21]

13.حضرت عمررضي الله عنہ حضرت زبيررضي الله عنہ جي پٽ کي جڏهن ريشم جوڪپڙو پاتل ڏٺوتہ ان جي بدن تي ئي ان ڪپڙي کي ڦاڙي ڇڏيو.حضرت زبير رضي الله عنہ چيو:سائين! توهان تہ ٻار کي ڊيڄاري ڇڏيو.حضرت عمررضي الله عنہ فرمايو: تہ پوءِ ٻارن کي ريشم جو ڪپڙو نہ پارائيندا ڪيو.[22]

14.حضرت عمررضي الله عنہ کان ئي روايت آهي تہ هو پاڻي مليل کير کي مالڪ کي تنبيه ڪرڻ لاء زمين تي هاري ڇڏيندا هئا .[23]

15.سندس ئي باري ۾ هيءَ روايت آهي تہ پاڻ رضي الله عنہ ان دڪان کي باهہ ڏيڻ جو حڪم ڏنو جنهن ۾ شراب وڪڻيو ويندو هواهو دڪان رويشد ثقفي جو هوجنهن کي حضرت عمررضي الله عنہ فرمايو:تون تہ فويسق(گمراهہ) آهين.رويشد (سڌي راهہ تي هلندڙ) نہ آهين.[24]

16.اهڙي طرح امير المؤمنين علي رضي الله عنہ بہ ان ڳوٺ کي ساڙڻ جو حڪم ڏنو جنهن ۾ شراب جو ڪاروبار ڪيو ويندو هو.[25]

17.حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنہ جي باري ۾ روايت آهي تہ ان ڪنهن غلام کي مديني شريف جي حرم ۾ شڪار ڪندي ڏٺو تہ ان کان سندس سامان کسي ورتائين، ۽ فرمايائين: مون حضورﷺ کي هيئن فرمائيندي ٻڌو تہ :جنهن کي توهان هتي شڪار ڪندي ڏسو ان کان ان جو سامان کسيو.[26]

ترجيح لائق راء:

ٻنهي ڌرين جي دليلن تي نظر ڪرڻ سان بي ڌر(جن جو چوڻ آهي تہ مصلحت خاطر مالي سزا ڏيڻ جائزآهي) جي راء قابل ترجيح نظر اچي ٿي،چو تہ پهرين ڌر جيڪي دليل پيش ڪيا آهن اهي عام نوعيت جا آهن.جن جي تخصيص نبي ڪريمﷺ جي قول ۽ عمل جي بنياد تي ڪري سگهجي ٿي. باقي رهيو پهرين ڌرجو اهو چوڻ تہ "مالي سزا جو حڪم منسوخ ٿي چڪو آهي"صحيح نظر نہ ٿواچي چو تہ جيڪڏهن مالي سزا منسوخ هجي ها تہ پوءِ حضورﷺ کان

بعد صحابي سڳورا خاص طور تي حضرت عمرفاروق رضي الله عنہ جهڙا شريعت جا مزاج شناس شخص مالي سزا جا فيصلا ڪيئن ڪن ها؟ اهو ئي سبب آهي جو علامہ ابن تيميہ ۽ ابن القيم مذڪوره فيصلن جي نقل ڪرڻ کان بعد نسخ جي دعويٰ جي ترديد ڪندي فرمائن ٿا:هيءَ سڀ فيصلا صحيح روايتن مان ثابت آهن،جيڪي اهلِ علم وٽ معروف ۽ مشهور آهن ۽ انهن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترا ئي اهڙا ثبوت موجود آهن جن جي هوندي مالي سزا جي منسوخي جي دعويٰ ڪرڻ آسان نہ آهي چو تہ نبي ڪريم ﷺ کان ڪا بہ اهڙي روايت نہ آهي جنهن جي روشني ۾ سڀني مالي سزائن کي حرام قرار ڏنو ويو هجي بلڪ حضور ﷺ کان بعد خلفاء راشدين ۽ اڪابر صحابين سڳورن ڏوهارين کي مالي سزائون ڏنيون آهن جنهن مان واضح آهي تہ انهن وٽ ”مالي سزا“منسوخ نہ هئي، اهڙي طرح جن صورتن ۾ مالي سزائن جو ذڪر ٿيو آهي تن مان گهڻين صورتن ۾امام احمد،امام مالڪ ۽ ان جا ساٿي مالي سزا جا قائل آهن،امام شافعي بہ ڪن صورتن ۾حديثن جي بنياد تي مالي سزاجو قائل آهي. ان ڪري جيڪي مالي سزا جي نسخ جي دعويٰ ڪن ٿا تن وٽ ڪتاب، سنت ۽ اجماع امت مان ڪو بہ اهڙو دليل نہ آهي جيڪو سندن دعويٰ جي تصديق ڪري.[27]

بيان ڪيل دليلن کي سامهون رکندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ جتي مالي سزا ڏوهيءَ جي اصلاح ۽ ملت جي مفاد ۾هجي اتي جاري ڪئي وڃي خاص طور تي رشوت خورن ۽ سرڪاري مال ۾ گهوٻيون هڻندڙ تي اهڙي سزا جو نفاذ نهايت فائديمند ثابت ٿيندو چو تہ جهڙو ڏوهہ تهڙي سزا.

مالي تعزير جون صورتون:

علامہ ابن تيميہ رحمة الله عليہ مالي تعزير جون ٽي صورتون لکيون آهن.

1.ڪنهن شيءَ جي وجود کي ضايع ڪرڻ،جيئن ڪنهن مسلمان وٽ شراب ڏسي ان کي هاري ڇڏڻ.

2. تبديلي ۽ ڦير ڦار ڪرڻ،يعني شيءَ جي وجود کي ضايع نہ ڪيو وڃي پر ان ۾ ڪجهہ ڦير ڦار ڪئي وڃي جيئن پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي گهر ۾ پيل مورتي جي منڍي ڀڃرائي ڇڏي هئي، پوءِ هو وڻ وانگر پئي نظر ايندي هئي يا جيئن گهر ۾ تصويرن وارو پردو ڏسي ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري وِهاڻا ٺهرائي ڇڏيا هئائون ،جيڪي پيرن ۾ پيا لتاڙبا هئا.

3.ٻئي جي ملڪيت ۾ ڏيڻ

يعني ڏوهيءَ کان ڏنڊ وٺي مالڪ کي ادا ڪرڻ جيئن پاڻ سڳورن ﷺ وڻن مان ڦٽيل ميون ۽ چرڻ واري هنڌ مان چورايل ٻڪري جي ٻيڻي قيمت مالڪ کي ڏيارڻ جو حڪم ڏنو.“[28]

مقصد تہ جيڪڏهن ڪنهن ڏوهي وٽ ڪا اهڙي منع ٿيل شيءَ آهي جنهن کي ڪنهن بہ طرح

قابلِ استعمال نٿوٺائي سگهجي تہ ان شيءَ جي وجود کي ضايع ڪيو ويندو.جيئن شراب ،هيروئن ۽ ٻيون نشو آڻيندڙ شيون، جن جو استعمال هڪ مسلمان لاء جائز نہ آهي،اهي جيڪڏهن ڪنهن مسلمان وٽ ڏٺيون وينديون تہ سندن وجود کي ئي ضايع ڪيو ويندو.پرجيڪڏهن ٿوري تبديلي سان ان کي استعمال لائق بنائي سگهجي ٿو تہ ان ۾ تبديلي آندي ويندي،جيئن مورتيون جن کي دڪاندار خاص طور تي ڪپڙن جي نمائش لاء استعمال ڪندا آهن انهن جون صرف منڍيون ڀڳيون وينديون.پر جيڪڏهن ڏوهاري ڪنهن فرد جو نقصان ڪيو هوندو تہ پوءِ ڏنڊ مالڪ کي وٺي ڏبو ۽ جيڪڏهن سرڪار جو جرم ڪيو هوندائين تہ ڏنڊ سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرايو ويندو.

حوالا ۽ حواشي

[1] ابن الهُمام محمد بن عبدالواحد، فتح القدير شرح الهدايہ ، مصر، مطبع مصطفيٰ البابي الحلبي واولاده، 345/5، العيني محمود بن احمد،البنايہ في شرح الهدايہ، صححہ وحققہ وعلق عليہ مولانا فيض محمد ملتاني، ملتان،المڪتبة الحقانيہ 495/8، الجماعہ من علمآء الهند ، الفتاوي الهنديہ في مذهب الامام الاعظم ابي حنيفہ النعمان،بيروت، داراحياء التراث العربي 1980ع ط 3، 167/2، ابو زيد بن بکرعبدالله، الحدود والتعزيرات عند ابن القيم الجوزيہ دراسة وموازنة، دمشق، المڪتبة الاسلاميہ بدون ذکر طبع وتاريخ ص 498، عبدالله بن عبدالمحسن الطريقي ، جريمة الرشوة في الشريعة الاسلاميہ ،الرياض، المملڪة العربية السعودية، 1982 ع، ط،3 ، ص 114

[2] سورة النسآء آيت 29

[3] سورة البقرة آيت 188

[4] ابن حنبل احمد، مسند احمد،الرياض،بيت الافڪار الدوليہ 1998ع،ص 471

[5] ابن نجيم زين الدين، البحر الرائق ،مصر،دار الکتب العربية الکبري 41/5،ابن عابدين محمد امين، رد المحتارعلي الدر المختار،مصر،دارالطباعة العامره، 196/3

[6] ابن القيم،الطرق الحکمية في السياسة الشرعية،القاهره، الموسسة العربية 1961ع، ص 312، ابو زيد،الحدود والتعزيرات عند ابن القيم ص 496،ابن الهمام،فتح القدير 345/5،ابن نجيم،البحر الرائق 41/5

[7] ابن نجيم، البحر الرائق 41/5، ابن عابدين، رد المحتار 196/3

[8] ايضًا

[9] الطريقي ،جريمة الرشوة في الشريعة الاسلاميہ، ص 116

[10] ابن الهمام، فتح القدير 345/5

[11] ابوعبد الله محمد بن اسماعيل البخاري، صحيح البخاري، ڪراچي،سعيد ايچ،ايم ڪمپني،603/2، ڪراچي ،قديمي ڪتب خانہ ، صحيح المسلم 112/2،ابن القيم،الجوزي،الطرق الحکمية ص 313

[12] ابن حنبل، مسند احمد ص 471

[13] ايضًا ص 1470، ابو دائود سليمان بن اشعث السجستاني، سنن ابي دائود، ڪراچي،سعيد ايچ،ايم ڪمپني، 221/1، النسائي احمد بن شعيب ،سنن النسائي،ڪراچي،قديمي ڪتب خانہ 335/1، ابن تيميہ شيخ الاسلام احمد، الحسبة في

الاسلام او وظيفة الحڪومة الاسلاميہ،من مطبوعات الجامعة الاسلاميہ بالمدينة المنوره بدو تاريخ ص 50

[14] سنن ابي دائود 247/2، سنن نسائي 260/2،نوٽ: محفوظ جڳھ مان مخصوص مقدار جي شيءِ ڪنهن عاقل بالغ جي طرفان مخفي طريقي سان ڪٽڻ جو نالو چوري آهي،محفوظ جڳھ جيئن گهر، دڪان،پاڻڊو،واڙو وغيره ۽ مخصوص مقدار،حنفيہ وٽ ڏهہ درهم يعني اڍائي تولاچاندي آهي، الفتاوي الهندية 170/2.بيان ڪيل شرطن سان گڏ جيڪا چوري ڪئي ويندي ان تي هٿ ڪٽيو ويندو.

[15] سنن نسائي 260/2

[16] ابن تيميہ، الحسبہ في الاسلام ص 49

[17] ايضًا

[18] ابن القيم، الطرق الحكمية ص 313

[19] القيشري،صحيح مسلم 85/2، ابن القيم، الطرق الحكمية ص 313

[20] حضرت عمررضي الله عنہ پهرين انهن غلامن جي هٿ ڪٽڻ جو حڪم ڏنو پر جڏهن مٿس ظاهر ٿيو تہ هو بک کان مجبور ٿي ڏاچي کهي کائي ويا تہ پهريون حڪم منسوخ ڪندي انهن جي مالڪ حاطب بن ابي بلتعة رضي الله عنہ کان ڏاچي جي ٻيڻي قيمت پرايائين. البيهقي احمد بن حسين،السنن الڪبري،حيدرآباد دکن،مطبعہ مجلس دائرة المعارف العثمانيہ،1362هہ،ط1، 278/8

[21] الطريقي،جريمة الرشوة ص 120

[22] ابن القيم، الطرق الحڪمية ص 314.

[23] ابن تيميہ ، الحسبہ في الاسلام ص 53

[24] ايضًا

[25] القيشري،صحيح مسلم 441/1 ، ابن تيميہ ، الحسبہ في الاسلام ص 49،الطريقي،جريمة الرشوة ص 118

[26] ابن تيميہ ، الحسبہ في الاسلام ص 52

[27] ابن تيميہ،الحسبہ في الاسلام ص 50، ابن القيم، الطرق الحكمية ص 314

[28] ابن تيميہ، الحسبہ في الاسلام ص 56_57 ، اختصار سان